سنڌي ترجمو

# بريلي کان مديني




- مفتي اعظم هند بريلي کان مديني 5
- قاسي گهاٽ کان پنهنجي گهر 7
- مُشڪلڪُشا جو ڏِيدار 9
- برڪت وارا چار آنا 11
- قيد کان آزاد ته ٿي ويو..! 12
- مينهن وسڻ لڳو 16
- مزدور شهزادو 17



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

**مُحَمّد الياس عطّار قادري رضوي** دامت برکاتهم العاليه



مدني ڏسندا رهو

مكتبة المدينه (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله! اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ اي عظمت ۽ بزرگي وارا! (المستطرف ج 1 ص 40 دارالفكر بيروت)

نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو

# بريلي کان مديني

شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

## سنڌي ترجمو پيشڪش

مجلسِ تراجِم هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجندا.

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي
فون نمبر: 021_34921389_90_91
E-mail: majlistarajim@dawateislami.net

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ



# بريلي کان مديني



شيطان يلي ڪيتري به سستي ڏياري پر هي رسالو ثواب جي نيت سان پورو پڙهي ڪري پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي بهتري ڪيو.

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سيدنا اُبَيّ بن ڪَعب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ عرض ڪيو ته مان (سمورا وِرد وظيفا ڇڏي ڏيندس ۽) پنهنجو سڄو وقت درود پڙهڻ ۾ گذاريندس، ته سرڪار مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اهو تنهنجي فڪرن کي پري ڪرڻ جي لاءِ ڪافي ٿيندو ۽ تنهنجا گناهه معاف ڪيا ويندا. (ترمذي ج 4 ص 207 الحديث 3465 دارالفڪر بيروت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بريلي کان مديني

هيءُ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن مان ڪراچي جي علائقي ڪارادر ۾ موجود حضرت سيّدنا محمّد شاهه بخاري سبزواري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ البَارِي جي مزار شريف سان لڳ حيدري مسجد ۾ تاجدارِ اهلسنّت، شهزادهِ اعليٰ حضرت، حضور مفتي اعظم هند حضرت مولانا مصطفيٰ رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جو مُتَبَرَّڪ عِمامو شريف مٿي تي سجائي نماز فجر پڙهائيندو هئس. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ وليءِ ڪامل جو عمامو شريف ڪيترائي پيرا منهنجي مٿي

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي .

۾ هتن سان لڳو آهي اِن شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي هٿ ۾ مٽي کي جهنم جي باهه مَس نه ٿيندي، ۽ جڏهن هٿ ۾ مٽي کي نه ڇهندي ته اِن شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ سڄو بدن به محفوظ رهندو. اصل ۾ ڳالهه هي آهي ته مٽي ذڪر ڪيل حيدري مسجد ۾ اعليٰ حضرت عظيمُ البَرَڪت، امام اهلسنّت، مُجَدِّدِ دين و ملت، عالمِ شريعت، واقفِ اَسرارِ حقيقت، پير طريقت مولانا شاهه احمد رضا خانعَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي خليفي، مَدَّاحُ الحبيب، صاحبِ قِبالهءِ بخشش حضرت مولانا جميلُ الرَّحمٰن قادري رضوي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي جن جا صاحبزاده حضرت علاّمه مولانا حميدُ الرَّحمٰن قادري رضوي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي جن امامت فرمائيندا هئا، ۽ مسجد ڪان سندن جو گهر تقريبًا ڇهه ست ڪلوميٽر پري هو. ان لاءِ فجر نماز جي امامت جي سعادت مون کي ملندي هئي، ۽ انهن جو حضور مفتيءِ اعظم هند رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وارو عمامو شريف مون کي نصيب ٿي ويندو هو، جنهن ڪان آئون برڪتون حاصل ڪندو هئس. هڪ دفعي حضرت مولانا حميد الرحمٰن عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن صاحب جن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا فضائل بيان ڪندي مون کي فرمايو: ”مان انهن ڏينهن ۾ ننڍو ٻار هيس ۽ مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مون سان به، ۽ هر ننڍي ٻار سان ”توهان“ چئي ڪري گفتگو فرمائيندا هئا. ٻڙبون ڏيڻ، ڏڙڪا ڏيڻ ۽ تون تون، سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مزاج مبارڪ ۾ نه هو . هڪ ڀيري خميس جي

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي .

ڏينهن مان بريلي شريف ۾ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي گهر ۾ حاضر هئس تہ هڪ شخص ساڻن ملاقات لاءِ آيو، ۽ اهو وقت عام ملاقات جو نہ هو، پر هو ملڻ لاءِ اِصرار ڪري رهيو هو نيٺ مان اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي خاص ڪمري ۾ پيغام ڏيڻ لاءِ هليو ويس، پر ڪمري ۾ تہ ڇا پوري گهر ۾ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه ڪٿي بہ مون کي نظر نہ آيا.

اسان حيران هئاسين تہ آخر ڪيڏانهن تشريف ڪٺي ويا. انهيءَ سوچ ۾ سيئي بينا هئاسين تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه اوچتو پنهنجي خاص ڪمري مان ٻاهر نڪتا. سڀ حيران ٿي ويا ۽ پڇڻ لڳا تہ جڏهن اسان توهان کي ڳوليو تہ توهان ڪٿي بہ نظر نہ آيؤ. پر هاڻي اوهان پنهنجي ئي ڪمري مان ٻاهر تشريف ڪٺي آيا آهيو ان ۾ ڪهڙو راز آهي؟ ماڻهن جي تمام گهڻي اصرار ڪرڻ تي ارشاد فرمايائون: ”اَلحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان هر خميس تي هن وقت پنهنجي هن ئي ڪمري مان بريلي کان مديني منور زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعۡظِيۡماً جي حاضري ڏيندو آهيان.“ **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

حرم ہے اُسے ساحتِ ہر دو عالم!
جو دل ہوچکا شکارِ مدینہ (ذوقِ نعت)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللہُ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس .

# قطبِ مدينہ جي گواهي

اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ! امام اهلسنّت رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ زبردست عاشق رسول هئا. انهن تي سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو خاص ڪرم هو، بريلي شريف کان مديني منور زادَھَا اللہُ شَرَفًاوَّتَعْظِیْمًا جي حاضري جو هڪ پيو ايمان افروز واقعو ملاحظ فرمايو، جيئن مديني شريف جي مقيم الحاج محمّد عارف ضيائي رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو بيان آهي: هڪ ڀيري حضور قطب مدينہ سيّدي و مرشدي و مولائي ضياءُ الدين احمد قادري رضوي عَلَیْہِ رَحْمَۃُاللہِ القَوِی مون کي ارشاد فرمايو: ”هي انهن جي ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن اعليٰ حضرت رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ حيات هئا. مان هڪ ڀيري سرڪار نامدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مزار فائضُ الاَنوار تي حاضر ٿيس. صلوٰة و سلام عرض ڪرڻ کان پوءِ ”بابُ السّلام“ پهتس. اتان کان اوچتو منهنجي نگاهہ سونهري جارين جي طرف وئي، ڇا ٿو ڏسان تہ اعليٰ حضرت رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ شهنشاهِ رِسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي مواجهي شريف جي سامهون هٿ ٻڌي حاضر آهن. مون کي تمام گهڻو تَعَجُّب ٿيو تہ سرڪار اعليٰ حضرت رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ مدينہ طيِّبہ زادَھَا اللہُ شَرَفًاوَّتَعْظِیْمًا ۾ حاضر ٿيا آهن ۽ مون کي خبر بہ نہ آهي، پوءِ مان اتان کان مواجهي شريف تي حاضر ٿيس اعليٰ حضرت رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ مون کي نظر نہ آيا، اتان وري بابُ السّلام جي طرف آيس ۽ جڏهن سونهري جارين جي طرف ڏٺو تہ اعليٰ حضرت رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ مواجهي شريف وٽ

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

حاضر هئا. وري مان ٻيهر سونهري ڄارين جي روبرو حاضر ٿيس ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه موجود نه هئا ٿيون ڀيرو به ائين ئي ٿيو. مان سمجهي ويس ته هي مَحبوب ۽ مُحِبّ جو معاملو آهي. مون کي ان ۾ دخل اندازي نه ڪرڻ کپي. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلْحَمْدُ لله عَزَّوَجَلَّ سگِ مدينه عُفِيَ عَنه جي مرشد پاڪ قطب مدينه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي به گواهي ملي وئي ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن باطني طريقي سان مدينةُ المُرشد بريلي شريف کان مدينةُ الرّسُول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيا هئا .

غمِ مصطفٰے جس کے سینے میں ہے ۔ گو کہیں بھی رہے وہ مدینہ میں ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مفتي اعظم هند بريلي کان مديني

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڄاڻو؟ سُنين جي امام اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تي اسان جا پيارا آقا، مٺا مٺا مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيتري قدر مهربان هئا، جو بغير ڪنهن ظاهري سواري جي بريلي شريف مان مديني منور زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً ڏانهن گهرائي وٺندا هئا. اعليٰ حضرت ته اعليٰ حضرت پر سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي شهزادي تي به ڪجهه گهٽ ڪرم نه هو، جيئن ته تاجدارِ اهلسنّت، شهزادهءِ اعليٰ حضرت، حضور مفتي اعظم هند

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

مولانا مصطفيٰ رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي هڪ مريد، ۽ دعوت اسلامي جي ذميدار مون کي تاج پور شريف (ناگپور، هند) مان هڪ خط جي فوٽو ڪاپي موڪلي جنهن ۾ هڪ مبلّغ دعوت اسلامي جي تحرير به شامل هئي جيڪا هن طرح هئي: 1409ھ ۾ منهنجي والدين، وڏي ڀاءُ ۽ ڀاڄائي کي حج جي سعادت نصيب ٿي انهن مديني منور زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَتَعْظِيْماً ۾ به بيحد ايمان افروز منظر ملاحظ ڪيا: (1) والد صاحب روضي مبارڪ جي ويجهو هي رُوح پرور منظر ڏٺو ته سرڪار مفتي اعظم هند مولانا مصطفيٰ رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن معمول مطابق مٿي مبارڪ تي عمامو شريف سجائي چنڊ جهڙو چهرو چمڪائيندي پنهنجي مخصوص مدني قافلي سان گڏ تشريف فرما آهن! تمام گهڻي حيراني ٿي ته حضور مفتي اعظم هند رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي وصال ڪندي تقريبًا اٺ سال گذري چڪا آهن هتي ڪيئن جلوه افروز آهن! حيرت ۽ خوشي وچان پنهنجي وڏي پٽ (يعني منهنجي وڏي ڀاءُ) کي هي خبر ڏيڻ لاءِ ڳولڻ نڪتا. جڏهن وڏي پٽ سان ملاقات ٿي ته خبر پئي ته هو به والد صاحب کي ڳولي رهيا هئا ڇو ته ان به اهو منظر ڏسي ورتو هو. پوءِ ٻئي ڄڻا گڏجي ٻيهر انهيءَ جڳهه تي آيا ته سرڪار مفتي اعظم هند رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي مدني قافلي سميت وڃي چڪا هئا. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قِيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

## آقا جي قدمن ۾ موت صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

(2) بيو قابل صد رشڪ منظر هي ڏٺو ته هڪ ڏکهي قد وارو ۽ صحت مند نوجوان نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آستانِ عرش نشان تي حاضر هو، ۽ پيراندي شريف کان بيهي هٿ ڪٽي دعا گهري رهيو هو جو اوچتو ڪِريو ۽ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قدمن تي قربان ٿي ويو! والد صاحب ٻڌايو ته ماڻهن جي رش ٿي وئي مختلف ٻوليون ڳالهائڻ وارا مسلمان پنهنجي پنهنجي زبان ۾ ان خوش نصيب نوجوان جي ايمان افروز موت تي رشڪ ڪري رهيا هئا. اي ڪاش!

یوں مجھے کو موت آئے تو کیا پوچھنا مرا
میں خاک پر نگاہ دریار کی طرف (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڦاسي گهاٽ کان پنهنجي گهر

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن جو هڪ مريد امجد علي خان قادري رضوي شڪار لاءِ نڪتو، انهن جڏهن شڪار تي گولي هلائي ته نشانو صحيح نه لڳو ۽ گولي رستي تان گذرندڙ هڪ شخص کي لڳي جنهن سبب هو مري ويو، پوليس گرفتار ڪري ورتو ڪورٽ ۾ قتل ثابت ٿي ويو، ۽ ڦاسي جي سزا ٻڌائي وئي. مٿ مائٽ تاريخ کان پهريان روئندا روئندا ملاقات لاءِ پهتا ته امجد علي صاحب انهن کي چوڻ لڳا:

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مون تي بہ پڙهو بيشڪ آءٌ سڀني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

توهان سڀ مطمئن رهو مون کي ڦاسي نٿي ٿي سگهي، ڇو تہ منهنجي مرشد سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ خواب ۾ اچي ڪري مون کي هيءَ خوشخبري ٻڌائي ڇڏي آهي تہ ”اسان توهان کي آزاد ڪري ڇڏيو.“ روئي روئي ماڻهو واپس هليا ويا، ڦاسيءَ جي تاريخ واري ڏينهن ممتا جي ماريل ماءُ روئندي پنهنجي لال جو آخري ديدار ڪرڻ پهتي، سُبحٰن الله! سُبحٰن الله! پنهنجي پير و مرشد تي يقين هجي تہ اهڙو! ماءُ کي بہ وڏي اعتماد سان عرض ڪيائون: ”امان توهان رنجيده نہ ٿيو ۽ گهر وڃو، اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ اڄ جو ناشتو مان گهر اچي ئي ڪندس.“ والده جي وڃڻ کان پوءِ امجد علي صاحب کي ڦاسي جي تختي تي آندو ويو ڳچيءَ ۾ ڦاسي جو ڦندو وجهڻ کان پهريان دستور مطابق جڏهن آخري خواهش پڇي وئي تہ چوڻ لڳا: ”پڇي ڇا ڪندؤ؟ اڃا منهنجو وقت ناهي آيو.“ انهن سمجهيو تہ شايد موت جي دهشت جي ڪري هن جو دماغ فيل ٿي ويو آهي! پوءِ جيئن ئي ڦاسي ڏيڻ وارو ڦندو ڳچي ۾ پارايو تہ تار آئي تہ ملڪہ وڪٽوريہ جي تاجپوشي جي خوشي ۾ هيترا قاتل ۽ هيترا قيدي آزاد ڪيا وڃن جلدي ئي ڦاسيءَ جو ڦندو ڪڍي انهن کي تختي تان هيٺ لاهي آزاد ڪيو ويو. هيڏانهن گهر ۾ ڪُهرام متل هو ۽ لاش کڻي اچڻ جو انتظام ٿي رهيو هو تہ امجد علي رضوي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڦاسي گهاٽ کان سڌا پنهنجي گهر پهتا ۽ چوڻ لڳا ناشتو

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ علیه واله وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي .

ڪٽڻي اچو مون چئي ڇڏيو هو تہ اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ مان ناشتو گهر اچي ڪندس. (تجليات امام احمد رضا ص 100، بتصرف برڪاتي پبلشرز باب المدينه)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النّبِیِّ الاَمِین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

آہیں دل اَسیر سے لب تک نہ آئی تھیں
اور آپ دوڑے آئے گرفتار کی طرف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مشڪلڪشا جو ديدار

ڪجھ اسلامي ڀائرن ڪي باب المدينہ ڪراچي جي هڪ پيرسن ڪاتب عبدالماجد بن عبدالمالڪ پيلي ڀيتي هي ايمان افروز واقعو ٻڌايو: ”منهنجي عمر ان وقت تيرهن 13 سال هئي، منهنجي ماتيلي ماءُ جو دماغي توازن خراب ٿي ويو هو، ان ڪي زنجيرن سان ٻڌي ڇت تي رکيو ويندو هو، گهڻو علاج ڪرايو ويو پر فائدو نہ ٿيو، پوءِ ڪنهن جي مشوري تي مان ۽ منهنجي والد صاحب والده ڪي زنجيرن ۾ ٻڌي جيئن تيئن ڪري پيلي ڀيت کان بريلي شريف آندو، والده لڳاتار گاريون ڏئي رهي هئي، اعليٰ حضرت امام احمد رضا عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن ڪي ڏسندي ئي وڏي آواز سان چيائين: ”تون ڪير آهين؟ ۽ هتي ڇو آيو آهين؟“ اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْہ نهايت نرميءَ سان فرمايو: ”محترمہ توهان جي بهتري لاءِ حاضر ٿيو آهيان“ والده اڳي وانگر

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه تعالٰی علیه واٰله وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

وڏي آواز سان چيو: ”وڏو آيو آهين بهتري ڪرڻ وارو! جيڪا چاهيان ٿي چا اها بهتري ڪندين؟ فرمايائون: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ والده چيو: ”مولا علي مشڪل ڪشا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم جو ديدار ڪراءِ!“ اهو ٻڌندي ئي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي ڪلهي مبارڪ تان چادر شريف لاهي پنهنجي چهري مبارڪ تي وڌي ۽ پوءِ جلدي هٽائي ڇڏي، هاڻي اسان جي اکين آڏو اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه نه بلڪ مولا علي مشڪلڪشا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم پنهنجو نوراني چهرو چمڪائيندي بيٺا هئا. اسان جي پوڙهي والده وڏي سنجيدگيءَ سان سندن جي جلوَن ۾ گم هئي مان ۽ منهنجي والد صاحب دل کولي اکين سان مولا علي مشڪلڪشا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي زيارت ڪئي، پوءِ مولا علي مشڪلڪشا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم پنهنجي چادر مبارڪ پنهنجي چهري مبارڪ تي وجهي هٽائي ته هاڻي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه اسان جي سامهون مسڪرائيندي بيٺا هئا پوءِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ شيشي ۾ دوا عطا فرمائي ۽ فرمايو ته هي دوا جون ٻه خوراڪون آهن. هڪ خوراڪ مريض کي ڏجو جيڪڏهن ضرورت محسوس نه ٿئي ته ٻي خوراڪ بلڪل نه ڏجو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي والده هڪ ئي خوراڪ (يعني Dose) ۾ تندرست ٿي وئي ۽ جيستائين جيئري رهي ڪاٻه دماغي خرابي نه ٿي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا۔

قسمت میں لاکھ پیچ ہوں سو بل ہزار کج
یہ ساری گتھی اِک تری سیدھی نظر کی ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## برڪت وارا چار آنا

هڪ ڀيري اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جن ڪي حاجين جي استقبال لاءِ بندرگاهه وڃڻو هو. بُڪ ڪرايل سواري ڪي اچڻ ۾ دير ٿي وئي ته هڪ عقيدتمند غلام نبي مستري بغير پڇا ڪري ٽانگو ڪرائڻ لاءِ هليا ويا، جڏهن ٽانگو ڪرائي واپس موٽيا، ته پري کان ڏٺائين ته سواري اچي چڪي آهي انهيءَ ڪري هن ٽانگي واري کي اتي ئي چار آنا (هڪ روپي جو چوٿون حصو) ڏئي واپس موٽائي ڇڏيو، ۽ هن واقعي جي ڪنهن کي به خبر نه هئي، ڇئن ڏينهن کان پوءِ مستري صاحب بارگاهِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۾ حاضر ٿيا ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي چار آنا عطا ڪيا، انهن پڇا ڪئي: هي ڇا جا آهن؟ فرمايائون: ان ڏينهن توهان ٽانگي واري کي جيڪي ڏنا هئا. مستري صاحب حيران ٿي ويا ته مون هن ڳالهه جو ڪنهن سان به ذڪر ناهي ڪيو، پوءِ به اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي خبر پئجي وئي ان شخص کي سوچ ۽ ويچار ۾ ٻڏل ڏسي جيڪي هتي حاضر هئا چوڻ لڳا: ”ڀائو! برڪت وارا چار آنا چو ٿو ڇڏين برڪت لاءِ رکي ڇڏ، هن وٽي رکي ڇڏيا ۽ جيستائين اهي

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

چار آنا هن وٽ رهيا ڪڏهن به پئسن ۾ ڪمي نه آئي“. (حيات اعليٰ حضرت ج 3 260 مڪتبة المدينہ ڪراچي) **الله**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ہاتھ اٹھا کر ایک ٹکڑا اے کریم!
ہیں سخی کے مال میں حقدار ہم (حدائق بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قيد کان آزاد ته ٿي ويو.....!

هڪ پوڙهي مائي جيڪا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيهِ رَحمَةُ الرَّحمٰن جن جي مريدياڻي هئي. ان جي مڙس تي قتل جو مقدمو داخل ٿيو، سزا جو حڪم ٿيو ته پنج هزار جرمانو ۽ ٻارهن سالن جي قيد، ان جي اپيل ڪئي وئي، جڏهن ڪان اپيل ڪئي وئي ان جو بيان آهي ته مان روزانو اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي خدمت ۾ حاضر ٿيندي هيس، فيصلي جي تاريخ کان ڪجهه ڏينهن پهرين پوڙهي مائي چادر ۾ ويڙهجي پردو ڪري بارگاهِ اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ۾ فرياد ڪٽي حاضر ٿي، پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمايائون: ڪثرت سان حَسبُنَا اللهُ وَ نِعمَ الوَكِيلُ پڙهندي ڪر، پوڙهي مائي هلي وئي. وچ ۾ ڪيترائي ڀيرا حاضر ٿي پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه اهو ئي فرمائيندا هئا، ايستائين جو فيصلي جي تاريخ اچي وئي ۽ پوڙهي مائي حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: ”حضور!

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ والہٖ وسلّم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

اڄ فيصلي ٿيڻو آهي“ فرمايائون: اهو ئي پڙهو. ٻيڙيءَ مائي اهو پراڻو جواب ٻڌي تورو ڪاوڙجي پئي. ۽ وڏي آواز ۾ هي الفاظ چوندي وڃڻ لڳي: جڏهن پنهنجو پير ئي نٿو ٻڌي ته ٻيو ڪير ٻڌندو! جڏهن پاڻ رَحۡمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ هي ڪيفيت ڏٺي ته جلدي ئي آواز ڏئي پوڙهي مائي کي گهرايو ۽ فرمايائون: پان کائو. پوڙهي مائي عرض ڪيو: منهنجي وات ۾ پان موجود آهي. پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جن اِصرار ڪيو پر هوءَ ڪجهه ناراض هئي. پوءِ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جن پنهنجو هٿ مبارڪ وڌائي پان ڏيندي فرمايو: آزاد ته ٿي ويو آهي هاڻي ته پان کائو، پوءِ پوڙهي خوش ٿيندي پان کاڌو ۽ گهر ڏانهن رواني ٿي، جڏهن گهر جي ويجهو پهتي ته ٻار ڊوڙندا آيا ۽ چوڻ لڳا تون ڪٿي هئين خط وارو توهان کي ڳولي رهيو آهي . خوشي خوشي ۾ گهر وئي خط ورتو ۽ پڙهايو معلوم ٿيو ته مڙس آزاد ٿي چڪو آهي. (حيات اعليٰ حضرت ج 3 ص 202) **اللہ** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

تمنا ہے فرمایئے روزِ محشر
یہ تیری رہائی کی چِٹھی ملی ہے (حدائق بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## خوش نصيب بيمار

سيّد قناعت علي شاهه صاحب ڪمزور دل جا ماڻهو هئا.

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

هڪ ڀيري ڪنهن مريض جي خطرناڪ آپريشن جي تفصيل ٻڌي صدمي سان بيهوش ٿي پيا، لکين حيلا جتن ڪيا ويا پر هوش نہ آيو، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي بارگاهه ۾ درخواست ڪئي وئي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه سيّد زادي جي سيراندي جي طرف کان تشريف وٺي آيا ۽ نهايت ئي شفقت سان انهن جو مٿو پنهنجي هنج ۾ رکيو، ۽ پنهنجو مبارڪ رومال انهن جي چهري تي وڌو تہ فورًا هوش اچي ويو ۽ اکيون کوليائون زماني جي وليءَ جي هنج ۾ پنهنجو مٿو ڏسي ڪري تمام گهڻو خوش ٿيو، تعظيم جي خاطر اٿڻ چاهيو پر ڪمزوري جي سبب اُٿي نہ سگهيا. **اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سرِ بالیں انہیں رحمت کی ادا لائی ہے
حال بگڑا ہے تو بیمار کی بن آئی ہے (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دل جي ڳالهه ڄاڻي ورتي

مدينةُ المُرشِد بريلي شريف ۾ هڪ شخص هو. جيڪو بُزرگانِ دين کي اهميت نہ ڏيندو هو، ۽ پيري مريديءَ کي پيٽ جو سور چوندو هو. ان جي خاندان مان ڪجهه ماڻهو اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن سان بيعت (مريد) ٿيل هئا. اهي سڀئي هڪ ڏينهن هن کي ڪنهن نہ طريقي سان ريجهائي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

راضي ڪري اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جي زيارت لاءِ وٺي ويا. رستي ۾ هڪ حلوائي جي دڪان تي گرم گرم اَمرتي (يعني ماش جي اَٽي جي مٺائي جيڪا جليبي جيان هوندي آهي) ترجي رهي هئي، ڏسي ڪري ان شخص جو وات پاڻي ٿيڻ لڳو چوڻ لڳو: ”هي ڪارايو تہ پوءِ هلندس.“ انهن چيو واپسيءَ تي ڪارائينداسين پهرين اسان سان هلو، بهرحال سيئي ماڻهو اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيا. ايتري ۾ هڪ شخص گرم گرم اَمرتيون ٽوڪري ۾ ڪٽي اچي حاضر ٿيو، فاتحہ کان پوءِ سيني ۾ ورهائي وئي، دربار اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو قاعدو هو تہ سادات ڪرام (يعني سيدن) ۽ ڏاڙهي وارن کي ڊبل حصو ملندو هو جيئن تہ ان مذڪوره شخص جي بہ ڏاڙهي نہ هئي ان لاءِ ان کي بہ هڪ حصو مليو تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو تہ انهيءَ شخص کي ڊبل ڏيو. تقسيم ڪرڻ واري عرض ڪيو، حضور! ان کي تہ ڏاڙهي ناهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن مسڪرائيندي فرمايو: هن جي دل چئي رهي آهي، اجا هڪ حصو ڏيو، اها ڪرامت ڏسي اهو شخص اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جو مريد ٿي ويو ۽ بُزرگان دين جي تعظيم بہ ڪرڻ لڳو. (تجليات امام احمد رضا خان ص 101) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دل کی جو بات جان لے روشن ضمیر ہے
اُس حضرتِ رضا کو ہمارا سلام ہو

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : اُن شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي.

## مينهن وسڻ لڳو

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جي بارگاهه ۾ هڪ نجومي حاضر ٿيو، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ان کي فرمايو: ٻڌايو توهان جي حساب سان مينهن ڪڏهن وسڻ کپي؟ هن زائچو ٺاهي ٻڌائي چيو: هن مهيني ۾ نه ايندڙ مهيني ۾ وسندو. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ هر شيءِ تي قادر آهي. هو چاهي ته اڄ ئي مينهن وسائي سگهي ٿو . توهان صرف تارن کي ڏسي رهيا آهيو ۽ مان تارن سان گڏوگڏ تارن کي ٺاهڻ واري جي قدرت کي به ڏسي رهيو آهيان، ديوار تي گهڙي لڳل هئي. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن نجومي کي فرمايو: ٽائيم ڪيترو ٿيو آهي؟ عرض ڪيائين: سوا ٻارهن، فرمايائون: ٻارهن ٿيڻ ۾ ڪيتري دير آهي، عرض ڪيو: ٽُنو ڪلاڪ، فرمايائون: مني ڪلاڪ کان پهرين ٻارهن ٿي سگهن ٿا يا نه؟ عرض ڪيو: نه، هي ٻُڌي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه بيٺا ۽ گهڙي جي سوئي گهمائي ڇڏي، هڪدم ٽن ٽن ٻارهن ٿيڻ لڳا، ۽ نجومي کي فرمايو: اوهان چئو ٿا ته مني ڪلاڪ کان پهريان ٻارهن نٿا ٿي سگهن ته پوءِ هاڻي ڪيئن ٿيا؟ عرض ڪيو: اوهان سوئي گهمائي نه ته رفتار سان ته مني ڪلاڪ کان پوءِ ئي ٻارهن ٿين ها، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ قادرِ مطلق آهي جو جنهن به تاري کي ڪهڙي به وقت جيڏانهن چاهي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي درود پڑهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

پهچائي ڇڏي. توهان اينڊڙ مهيني مينهن وسڻ جي باري ۾ چئي رهيا آهيو ۽ منهنجو ربّ عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن چاهي ته اڄ ۽ هاڻي جو هاڻي بارش وسڻ لڳي، زبان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اڃا ايترو چيو ئي مسَّ ته چئني طرفن ۾ ڪارا ڪارا ڪَڪَرَ ڇانئجي ويا ۽ مينهن وسڻ لڳو. (انوار رضا، ص 375، ضياء القرآن پبلي ڪيشنز مرڪزالاولياء لاهور)

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

موت نزديک گناہوں کی تہیں مَیل کے خَول

آ برس جا کہ نَہا دھولے یہ پیاسا تیرا (حدائق بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مزدور شهزادو

مدينةُ المُرشد بريلي شريف جي ڪنهن هڪ پاڙي ۾ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جن کي دعوت ڏني وئي هئي. عقيدتمندن پنهنجي گهر اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جي تشريف آوري لاءِ پالڪي (يعني ڏولي) جو انتظام ڪيو هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن ان ۾ وينا ۽ چئن مزدورن پالڪي کي پنهنجي ڪلهن تي کنيو ۽ هلڻ لڳا. اڃا ٿورو ئي هليا ته يڪدم امام اهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن پالڪي مان آواز ڏنو ته ”پالڪي کي هيٺ رکو، پالڪي هيٺ رکي وئي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فورًا ٻاهر نڪتا، ۽ روئڻهارڪي آواز ۾ مزدورن کي فرمايو: سچي سچي

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي .

ٻڌايو تہ توهان ۾ سيّد زادو ڪير آهي؟ چوتہ منهنجو ذوقِ ايماني سروَرِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خوشبو محسوس ڪري رهيو آهي . هڪ مزدور اڳتي وڌيو ۽ عرض ڪيو: حضور! مان سيّد آهيان. اجا هن جي ڳالهہ پوري ئي نہ ٿي هئي جو، عالمِ اسلام جي وڏي پيشوا ۽ پنهنجي وقت جي عظيم مُجَدّد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن پنهنجو عمامو شريف ان سيّد زادي جي پيرن تي رکي ڇڏيو. امام اهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي اکين مان لڳاتار ڳوڙها وهي رهيا هئا ۽ هٿ ٻڌي التجا ڪري رهيا هئا: ”معزز شهزاده منهنجي گستاخي معاف فرمايو . بي خياليءَ ۾ مون کان ڀُل ٿي وئي، هاءِ غضب ٿي ويو! جن جي نعلِ پاڪ منهنجي مٿي جي لاءِ عزت جو تاج آهي، انهن جي ڪلهي مبارڪ تي مون سواري ڪئي، جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇي ورتو تہ احمد رضا! ڇا منهنجي فرزند جو دوش نازنين (يعني ڪلهو) ان لاءِ هو تہ هو تنهنجي سوار ٿيڻ جو وزن کڻي؟ تہ پوءِ مان ڪهڙو جواب ڏيندس! ۽ ان وقت ميدان محشر ۾ منهنجي ناموس عشق جي ڪيتري نہ زبردست رسوائي ٿيندي. ڪيترائي دفعا زبان سان معاف ڪري ڇڏڻ جو اقرار ڪرائڻ کان پوءِ بہ امام اهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن آخري التجاءِ شوق پيش ڪئي: محترم شهزاده! هن لاشعوري ۾ ٿيڻ واري خطا جو ڪفارو تڏهن ادا ٿيندو جڏهن

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم : جنھن مون تي ڏھ ڀيرو درود پاڪ پڙھيو اللّٰه تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آھي .

توهان پالڪي ۾ سوار ٿي ويهو، ۽ مان ان کي کلهو ڏيان. اها التجا ٻڌي ماڻهن جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ ڪجھ ماڻهن ڪان تہ رڙيون نڪري ويون. هزار انڪار ڪان پوءِ آخرڪار مزدور شهزادي کي پالڪي ۾ ويهڻو ئي پيو. هي منظر ڪيتري قدر دل سوز آهي، جو اهلسنّت جو جليل القدر امام مزدورن ۾ شامل ٿي ڪري پنهنجي خداداد علميت (يعني خدا عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل علم) ۽ عالمگير شهرت جو سچو اعزاز محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خوشنوديءَ جي خاطر هڪ گمنام مزدور شهزادي جي قدمن تي نثار (يعني قربان) ڪري رهيا آهن! (انوار رضا ص 415)

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تیری نسلِ پاک میں ہے بچّہ بچّہ نور کا
تُو ہے عینِ نُور تیرا سب گھرانا نُور کا (حدائق بخشش شریف)

## ديني علوم ۾ مهارت جي نادر حڪايت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جنهن جي آلِ رسول سان الفت ۽ محبت جو اهو عالم آهي تہ ان جي عشقِ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اندازو ڪير ٿو لڳائي سگهي! امام اهلسنّت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جهڙي طرح هڪ عاشق رسول ۽ باڪرامت ولي هئا ائين ئي هڪ زبردست عالم دين بہ هئا. گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ (50) علمن تي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ڪامل مهارت حاصل هئي. ديني علم جي

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم :جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس .

برڪت سان دنياوي علم خود اڳتي وڌي سندن جا قدم چميا هئا. هڪ اهڙو ئي حيرت انگيز واقعو پڙهو ۽ جهوموِ جيئن ته عليگڙهه مسلم يونيورسٽي جي وائس چانسلر ڊاڪٽر سر ضياءُالدين يورپ ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي ۽ برصغير جي پهرين صف جي رياضي دانن (يعني حساب جي ماهرن) مان هڪ هو. اتفاق سان رياضي جي هڪ مسئلي ۾ هن کي مشڪل پيش آئي گهڻو ئي سر ڪپايو پر حل سمجهه ۾ نه آيوِ نيٺ هن مسئلي کي حل ڪرائڻ لاءِ جرمني وڃڻو جو ارادو ڪيو. حضرت علامه سيد سليمان اشرف صاحب قادري رضوي رَحمَۃُ اللّٰہِ تعَالٰی عَلَیْہ ان دور ۾ يونيورسٽي جي شعبهءِ دينيات جا ناظم هئا انهن ڊاڪٽر صاحب کي مشورو ڏنو بلڪ اِصرار ڪيو ته توهان جرمني وڃڻ جي تڪليف جي بدران هتان کان ڪجهه ڪلاڪ سفر ڪري بريلي شريف وڃي امام اهلسنّت حضرت علامه مولانا امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحمَۃُ الرَّحْمٰن کان پنهنجو مسئلو حل ڪرايوِ ان تي ڊاڪٽر صاحب حيرت مان چيو هي توهان ڇا چئي رهيا آهيون؟ ڀلا رياضيءَ جو مسئلو به ڪو اهڙو مولانا حل ڪري سگهي ٿو جنهن اڄ تائين ڪاليج جو منهن ئي نه ڏٺو هجيِ نه بابا نه! بريلي شريف وڃي پنهنجو وقت ضايع نٿو ڪري سگهانِ پر سيد سليمان شاهه صاحب رَحمَۃُ اللّٰہِ تعَالٰی عَلَیْہ جي تمام گهڻي اِصرار جي ڪري هو انهن سان گڏ مدنيةُ المُرشِد بريلي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قِيراط اجرلکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

شريف حاضر ٿيا، امام اهلسنّت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جي بارگاهه ۾ حاضري ڏني. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جي طبيعت ناساز هئي تنهنڪري ڊاڪٽر صاحب عرض ڪيو: مولانا صاحب! منهنجو مسئلو بيحد پيچيده آهي. هڪدم پڇڻ جهڙو ناهي، جيڪڏهن طبيعت ۾ ڪجهه اطمينان آهي ته عرض ڪريان، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: ”توهان مسئلو بيان ڪيو“ ڊاڪٽر صاحب مسئلو پيش ڪيو، امام اهلسنّت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فورًا هن جو جواب ارشاد فرمايو جواب ٻڌي ڪري ڊاڪٽر صاحب حيرت وچان خاموش ٿي ويا، ۽ بي اختيار چوڻ لڳا ته اج تائين صرف عِلمِ لَدُنّي (يعني الله تعاليٰ جي طرفان براه راست ملڻ وارو علم) ٻڌو ته هئوسين، پر اج اکين سان به ڏسي ڇڏيو، پوءِ چوڻ لڳو: مان ته هن مسئلي کي حل ڪرائڻ لاءِ جرمني وڃڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو هو پر حضرت مولانا سيّد سليمان اشرف قادري رضوي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن منهنجي رهنمائي فرمائي، امام اهلسنّت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن پنهنجو هڪ قلمي رسالو گهرايو جنهن ۾ اڪثر مُثَلَّثَن (يعني ٽن ڪندن) ۽ گول دائرن جون شڪليون ٺهيل هيون اهو ڏسي ڊاڪٽر صاحب حيرت ۾ پئجي ويا، ۽ چوڻ لڳا: مون ته ان علم کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ تائين سفر ڪيو ۽ تمام گهڻو پئسو خرچ ڪيو، يورپي استادن جون جتيون سڌيون ڪيون تڏهن وڃي ڪجهه معلومات حاصل ٿي ۽

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

توهان جي علم جي آڏو ته مان ته هڪ طِفلِ مَڪتَب (يعني مدرسي جو ٻار) آهيان، هي ته ٻڌايو: هن فن ۾ توهان جا استاد ڪير آهن؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايائون: استاد ڪير به ناهي. بس پنهنجي والد صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان چار قاعده (1) جوڙ (2) ڪٽ (3) ضرب (4) ونڊ، ان لاءِ سکيا هئا جو وراثت جي مسئلن ۾ انهن جي ضرورت پوي ٿي . شرح چُغمِيني شروع ئي ڪئي هئي ته والد صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو ته وقت چو ٿو ضايع ڪرين، سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دربار مان هي علم توهان کي پاڻهي سيکاريا ويندا، هاڻي جيڪو توهان ملاحظ ڪري رهيا آهيو هي سڀ سرڪار رسالت مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي ڪرم آهي.

مسائل زیست کے جتنے بھی تھے پیچیدہ پیچیدہ
نبی کے عشق نے حل کر دیئے پوشیدہ پوشیدہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڊاڪٽر سر ضياءُ الدين صاحب تي امام اهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي جلالتِ علمي ۽ خوش اخلاقي جو ايتريقدر ته اثر ٿيو جو انهن صوم و صلوة (يعني نماز، روزي) جي پابندي شروع ڪري ڏني ۽ چهري تي ڏاڙهي به سجائي ڇڏي. (ملخص از حيات اعليٰ حضرت ج 1 ص 222-229)

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

## مَنقبتِ اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ

تُونے باطِل کو مٹایا اے امام احمد رضا
دین کا ڈنکا بجایا اے امام احمد رضا

دَورِ باطِل اور ضَلالت ہِند میں تھا جس گھڑی
تُو مجدّد بن کے آیا اے امام احمد رضا

اہلسنّت کا چمن سر سبز شاداب تھا
اَور رنگ تم نے چڑھایا اے امام احمد رضا

تُو نے باطِل کو مِٹا کر دین کو بخشی جِلا
سُنّتوں کو پِھر جِلایا اے امام احمد رضا

اے امامِ اہلسنّت! نائبِ شاہِ اُمم!
کیجئے ہم پر بھی سایہ اے امام احمد رضا

علم کا چشمہ ہُوا ہے موج زن تحریر میں
جب قلم تُو نے اُٹھایا اے امام احمد رضا

حَشر تک جاری رہے گا فیض کیوں کہ تم نے ہے
فیض کا دریا بہایا اے امام احمد رضا

ہے بدرگاہِ خدا عطارِؔ عاجز کی دُعا
تُم پہ ہو رحمت کا سایہ اے امام احمد رضا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هي رسالو پڙهي ڪري ٻين کي ڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرس ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مکتبة المدينہ تان شايع ٿيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو گراهڪن کي ثواب جي نيّت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي ب رسالا رکڻ جو معمول بڻايو اخبار جي هاڪر يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو .

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

